# مريض جي عيادت ڪيو...!!

23-NOVEMBER-2023



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(for Islamic Brothers)

23 نومبر 2023ء پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# مريض جي عيادت ڪيو...!!

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

- ✿... مسلمان جا مسلمان تي حق
- ✿... مريض جي عيادت جا فضائل
- ✿... عيادت جي فضائل تي حديثون
- ✿... اللہ پاڪ کان هم ڪلامي جو شرف
- ✿... عيادت جا آداب

پيشڪش
اَلْمَدِيْنَۃُ الْعِلْمِيَہ (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)
(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)
ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

حضرت ابو طلحه انصاري رَضِیَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا: هڪ ڀيري صبح جي وقت اللّٰه پاڪ جي آخري نبي، رسول هاشمي صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جي چهري مبارڪ تي خوشي جا آثار هئا، صحابهءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان عرض ڪيو: يارسولَ اللّٰه صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم! منهنجا ماءُ پيءُ اوهان تي قربان، اڄ چهري مبارڪ تي خوشي جا آثار معلوم ٿي رهيا آهن. پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: بيشڪ هاڻي هاڻي جبريلِ امين عَلَيْهِ السَّلَام مون وٽ آيو ۽ انهن عرض ڪيو: اي محمد صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جنهن اوهان تي هڪ ڀيرو دُرودِ پاڪ پڙهيو، اللّٰه پاڪ ان جي نامهءِ اعمال ۾ 10 نيڪيون لکندو ۽ 10 گناهه مِٽائيندو ۽ 10 درجات وڌائيندو. (مسندِ امام اَحْمد، جلد:6، صفحه:625، حديث:16795ملتقطًا۔)

اُن پر درود جن کو کَسِ بے کَساں کہیں | اُن پر سَلام جن کو خَبَر بے خَبَر کی ہے[1]

وضاحت: اهي پيارا آقا، مديني وارا مصطفٰي صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي بي سهارن جو سهارو چيو ويندو آهي، جيڪي هر بي خبر جي خبر رکڻ وارا آهن،

[1]…حدائقِ بخشش، صفحه:209۔

انهن تي دُرود ۽ سلام هجن.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديث پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّات عملن جو دارومدار نيتن تي آهي. [1]

پيارا اسلامي ڀائرو! سٺي نيت افضل ترين عمل آهي، بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪري وٺون ٿا، مثال طور نيت ڪيو: نگاهون هيٺ ڪري بيان ٻڌندس، علمِ دين جي تعظيم جي نيت سان جيتري دير تي سگهيو گوڏن ڀر يعني التَّحِيَّات ۾ ويهڻ جيان ويهندس، ضرورتًا سرڪي ٻين جي لاءِ جاءِ ڪشادي ڪندس، ڌڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهُورڻ، جهڻڪڻ، تڪرار ڪرڻ کان بچندس، بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي مسلمانن کي سلام ڪندس، هٿ ملائيندس ۽ انفرادي ڪوشش ڪري نيڪيءَ جي دعوت پيش ڪندس. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! الحمد لله اسان مسلمان آهيون، هڪ مسلم سماج جو حصو آهيون، پنهنجي هن معاشري جي حُسن، نِکار، وقار، سڪون ۽ اطمينان ۽ اَمن ۽ امان کي برقرار رکڻ پاڻ اسان جي ئي ذميداري آهي، اهو بہ اسلام جو حُسن آهي جو اسلام هرهڪ جا جدا جدا حقوق مقرر فرمايا آهن، جيڪڏهن اسان انهن حقن کي پوري طرح ادا ڪندا رهون تہ اسان جو معاشرو ڪڏهن بہ

---

[1] بخاري، ڪتاب بَدءِ الْوَحي، صفحو:65، حديث:1۔

بدامني جو شڪار نہ ٿيندو. پر نهايت افسوس ڪان چوٽو تو پئي تہ اسان مسلمان آهيون پر اسان جي مسلمان ڀائرن جا اسان تي ڪهڙا حق آهن؟ اسان مان تمام ٿورن ماڻهن کي هن بابت ڄاڻ هوندي. الله پاڪ اسان کي علمِ دين جي نعمت نصيب فرمائي. اَڄ اسان اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! پنهنجي مسلمان ڀائرن جي حقن مان هڪ اهم حق جي متعلق اسلامي تعليمات سکڻ جي ڪوشش ڪنداسين، الله پاڪ اسان کي صحيح اسلامي تعليم سکڻ، ان کي ياد رکڻ، انهن کي ٻين تائين پهچائڻ ۽ پاڻ ان تي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## روئو نہ

مسلمانن جي پياري امڙ سائڻ حضرت بيبي عائشہ صديقہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا فرمائن ٿيون: حضور اڪرم، نور مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ شخص کي موجود نہ ڏٺو تہ صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان کان ان جي باري پڇيو: عرض ڪيو ويو: ان کي تيز بخار ٿي پيو آهي. اُمت جي غمخوار آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان کي ارشاد فرمايو: هلو! اسان سندس عيادت جي لاءِ هلون ٿا، جيئن تہ اُمَّت جا غمخوار نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن ان وٽ پهتا تہ هُو روئي رهيو هو. پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن کي ارشاد فرمايو روئو نہ! چوتہ مون کي جبرائيل (عَلَيْهِ السَّلَام) خبر ڏني آهي تہ بخار منهنجي اُمت جي لاءِ جهنم مان حصو آهي.

(معجمِ صغيرللطبرانی، صفحہ:249، حديث:314بتغيرقليل۔)

سُبْحٰنَ الله! اُن جسماني بيمار خوش قسمت صحابي سڳوري جي مبارڪ قدمن تي دنيا جون تمان تندرستيون قربان ٿين، جن جي عيادت جي لاءِ طبيبن

جا طبيب الله پاڪ جا پيارا حبيب تشريف ڪٽي آيا. ڪنهن چا ته خوب چيو آهي:

سرِ بالیں انہیں رحمت کی ادا لائی ہے | حال بگڑا ہے تو بیمار کی بن آئی ہے (1)

اي عاشقانِ صحابہ واهل بيت! پنهنجي اُمَّت کان پيار ڪرڻ واري پياري پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بيان ڪيل واقعي ۾ پنهنجي صحابي جي غير موجودگي وقت خيريت پڇڻ ۽ عيادت ڪرڻ جو انداز مبارڪ صد ڪروڙ مرحبا! ڪاش! اسان به پنهنجي مسلمان ڀائرن جي خبرگيري ڪرڻ (خير خيريت پڇڻ) جي عادت ٺاهيون، جتي ان سان رضاءِ اِلٰهي جي لاءِ ڪئي ويندڙ عيادت سان ثواب جون خوشخبريون ملنديون اُتي مسلمان جي دل ۾ اوهان جي محبت به وڌندي.

## مسلمان جا مسلمان تي حق

مشهور صحابي رسول حضرت ابوهريره رَضِیَ اللهُ عَنْه کان روايت آهي، الله پاڪ جي آخري نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: حَقُّ الْمُسْلِمِ عَلَى الْمُسْلِمِ خَمْسٌ يعني هڪ مسلمان جا ٻئي مسلمان تي 5 حق آهن.

(بخاری،کتاب الجنائز،باب الامر باتباع الجنائز،صفحہ:355، حدیث:1240۔)

هي بخاري ۽ مسلم جي حديث پاڪ آهي، ان ۾ 5 حقن جو ذڪر آهي، ڪجھ ٻين روايتن ۾ 7 حقوق به بيان ٿيا آهن، بهرحال! هي 5 حقوق ڪهڙا آهن، ارشاد فرمايائون:

## (1) پهريون حق: سلام جو جواب ڏيڻ

رَدُّ السَّلَام سلام جو جواب ڏيڻ (يعني جڏهن ڪو مسلمان اسان کي سلام

[1] ...ذوقِ نعت،صفحہ:250۔

ڪري تہ مسلمان جو حق آهي تہ ان کي جواب ڏي).

هتي پياري آقا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم کا قيد ذکر نہ فرمائي. ❁ پٽ سلام ڪري تہ ان جو جواب ڏيڻو آهي. ❁ والد سلام ڪري تہ ان جو جواب ڏيڻو آهي ❁ پاءُ سلام ڪري ❁ پاڙيسري سلام ڪري. ❁ عزيز سلام ڪري. ❁ دوست سلام ڪري يا دشمن سلام ڪري. ❁ جيڪو بہ مسلمان آهي، ڪلمو پڙهڻ وارو آهي، عاشق رسول آهي، اهو جڏهن بہ اسان کي سلام ڪندو، تہ جيڪڏهن خدانخواستہ ان سان ناراضگي بہ هلي رهي آهي، الله نہ ڪري اسان ان کي دشمن بہ سمجهندا هجون، پوءِ بہ هڪ مسلمان جو ٻئي مسلمان تي حق آهي تہ هُو پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي سلام جو جواب ڏي. سامهون وارو جڏهن سلام ڪندو ۽ هي جواب ڏيندو تہ جيڪڏهن پاڻ ۾ ناراضگي بہ هوندي تہ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! هن سلام ۽ جواب جي برڪت سان دوستي ۾ بدلجي ويندي.

## سلام جو جواب ڪيئن ڏيون؟

بهرحال! پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي سلام جو جواب ڏيڻ ڇا آهي؟ اسلامي حق آهي. ۽ هي جواب ڏيڻ ڪيئن آهي؟ الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

وَاِذَا حُیِّیۡتُمۡ بِتَحِیَّۃٍ فَحَیُّوۡا بِاَحۡسَنَ مِنۡہَاۤ اَوۡ رُدُّوۡہَا ؕ اِنَّ اللّٰہَ کَانَ عَلٰی کُلِّ شَیۡءٍ حَسِیۡبًا ﴿۸۶﴾

ترجموڪنزالعرفان: جڏهن توهان کي ڪنهن لفظ سان سلام ڪيو وڃي تہ توهان ان کان بهتر لفظ سان جواب ڏيو يا اهي ئي لفظ چئي ڇڏيو. بيشڪ الله هر شيءِ تي حساب وٺڻ وارو آهي. (پاره:5، النساء:86)

اهو هميشہ ياد رکو! سلام ڪرڻ سُنت آهي ۽ ان جو جواب ڏيڻ واجب آهي. اسلامي سلام ۾ 3 الفاظ آهن:(1) اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ (2) وَرَحْمَةُ اللهِ (3) وَبَرَكَاتُه جيڪڏهن

1 بخاری،کتاب الجنائز،باب الامر باتباع الجنائز،صفحہ:355، حدیث:1240۔

ڪو چئي اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ تہ اسان چونداسين: وَعَلَيْكُمُ السَّلَامُ وَرَحْمَةُ اللهِ جيڪڏهن ڪو چئي اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ وَرَحْمَةُ اللهِ تہ اسان جواب ۾ چونداسين وَعَلَيْكُمُ السَّلَامُ وَرَحْمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُهٗ ۽ جيڪڏهن ڪو وَبَرَكَاتُهٗ بہ سلام ۾ چئي تہ اسان جواب ۾ اهي ئي ٽئي لفظ چونداسين.[1] بهرحال! جڏهن بہ ڪو مسلمان اسان کي سلام ڪري تہ اسان تي لازم آهي تہ ان جي سلام جو جواب ايتري آواز سان ڏيون جو ان جا ڪن ٻڌي سگهن.

## (2) ٻيون حق: عيادت ڪرڻ

الله پاڪ جي آخري نبي، محمد عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ مسلمان ڀاءُ جو ٻيون حق بيان ڪندي فرمايو: وَعِيَادَةُ الْمَرِيضِ مريض جي عيادت ڪرڻ (2) يعني اسان جو مسلمان ڀاءُ چاهي اهو پنهنجو هجي يا پرايو، ويجهو هجي يا پري وارو، دوست هجي يا دشمن، عزيز رشتيدار هجي يا شهر جي ٻي ڪناري تي رهڻ وارو اجنبي هجي، جيڪو مسلمان آهي، عاشق رسول آهي، جيڪڏهن اهو بيمار ٿي وڃي تہ مسلمان جو حق آهي تہ پڇڻ جي لاءِ وڃي. ان جي عيادت ڪري.

## (3) ٽيون حق: جنازي ۾ شريڪ ٿيڻ

ٽيون حق بيان فرمايو: وَاِتِّبَاعُ الْجَنَائِزِ جنازي سان گڏ وڃڻ (3) يعني مسلمان ڀاءُ جيڪڏهن دنيا کان رخصت ٿي وڃي تہ ٻين مسلمانن تي حق آهي تہ هُو ان جي جنازي ۾ شريڪ ٿين، سندس تجهيز و تڪفين ۾ جيترو ٿي سگهي حصو وٺن.

1 رد المحتار ،کتاب الحظر و الاباحۃ،فصل فی البیع،جلد:9 ،صفحہ:683 ملتقطاً۔
2 بخاری،کتاب الجنائز،باب الامر باتباع الجنائز،صفحہ:355 ،حدیث:1240۔
3 بخاری،کتاب الجنائز،باب الامر باتباع الجنائز،صفحہ:355 ،حدیث:1240۔

## (4) چوٿون حق: دعوت قبول ڪرڻ

چوٿون حق آهي: وَاِجَابَةُ الدَّعْوَةِ دعوت ڪي قبول ڪرڻ (1) يعني اسان جو مسلمان ڀاءُ جيڪڏهن اسان جي دعوت ڪري تہ ان جي دعوت قبول ڪئي وڃي. اهو نہ ڏٺو وڃي تہ هي امير آهي يا غريب، اسان ڪي دعوت تي گهرائي اسان جي حيثيت جي مطابق اسان جي ميزباني بہ ڪري سگهندو يا نہ، بس جيڪو بہ اسان جي دعوت ڪري، اسان امير غريب جو فرق ختم ڪري، ان جي دعوت ڪي قبول ڪيون، اهو بہ مسلمان ڀاءُ جي بنيادي حقن مان هڪ حق آهي.

## (5) پنجون حق: ڇنڪ جو جواب ڏيڻ

پنجون حق اهو آهي تہ وتَشْمِيْتُ العَاطِسِ ڇنڪ جو جواب ڏيڻ.2 يعني جڏهن اسان جي ڪنهن مسلمان ڀاءُ کي ڇنڪ اچي ۽ هُو ان تي اَلحَمۡدُللّٰه! چئي تہ ٻڌڻ واري تي واجب آهي تہ ڇنڪ جو جواب ڏيندي چئي: يَرْحَمُكَ الله (يعني الله پاڪ توهان تي رحم فرمائي).(3)

پيارا اسلامي ڀائرو! هڪ مسلمان جا ٻئي مسلمان تي 5 حق آهن. (1) سلام جو جواب ڏيڻ (2) مريض جي عيادت ڪرڻ (3) جنازي ۾ شريڪ ٿيڻ (4) دعوت قبول ڪرڻ (5) ڇنڪ جو جواب ڏيڻ. اسان کي گهرجي تہ اسان پنهنجي مسلمان ڀاءُ جا هي پنج ئي حقوق پوري ايمانداري سان ذهن ۾ رکي ڪري پورا ڪيون. اچو! انهن 5 مان هڪ حق جي وضاحت يعني مريض جي عيادت جي باري ۾ ٻڌون ٿا:

---

1 بخاری،کتاب الجنائز،باب الامر باتباع الجنائز،صفحہ:355، حدیث:1240۔
2 بخاری،کتاب الجنائز،باب الامر باتباع الجنائز،صفحہ:355، حدیث:1240۔
3 رد المحتار ،کتاب الحظر و الاباحۃ،فصل فی البیع،جلد:9، صفحہ:683-684 ملتقطًا۔

# مريض جي عيادت جا فضائل

پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻيو حق بيان ڪندي فرمايو: وَعِيَادَةُ الْمَرِيْضِ مريض جي عيادت ڪرڻ. اهو نهايت ئي فضيلت جو ڪم آهي، اسان جو ڪو مسلمان ڀاءُ جيڪڏهن بيمار ٿي وڃي، ان کي ڌڪ لڳي، ڪو حادثو پيش اچي يا هونئن ئي ڪو ميڊيڪل پرابلم ٿي وڃي ته اسان کي گهرجي ته اسان پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي عيادت ڪيون، ان وٽ وڃون، ان کان ملون، ان کان حال احوال پڇون.، ان کي تسلي ڏيون، جيڪڏهن ان کي ڪنهن شيءِ جي ضرورت هجي ۽ اسان مدد ڪرڻ جي طاقت رکندا هجون ته ان جي مدد به ڪيون، بهرحال! اهو ويچارو غم جي ڪيفيت ۾ آهي ته ٻين مسلمانن کي گهرجي ته ان جي غم جو حصو بڻجن، ان جي برڪت سان پاڻ ۾ پيار محبت وڌندي، هڪٻئي جي اتفاق ۽ اتحاد ۾ اضافو ٿيندو ۽ پوءِ نتيجو اهو نڪرندو جو اسان جو سماج اَمن ۽ سڪون، پيار ۽ محبت جو گهوارو بڻجي ويندو.

# عيادت ڪرڻ سُنت آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! مريض جي عيادت ڪرڻ اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تمام پياري سُنت مبارڪ آهي.(1) اسان جي پياري نبي، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هي تمام پياري عادت مبارڪ هئي ته پاڻ سڳورن کي اطّلاع ملندو هو ته فلاڻو بيمار آهي ته چاهي ان جي رهائش مديني پاڪ جي آخري ڪناري تي ئي ڇو نه هجي، پاڻ سڳورا ان کان پڇڻ جي لاءِ تشريف کڻي ويندا هئا. حضرت علامه علي قاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جيڪي صحابه ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان حاضر نه هوندا هئا حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن جي باري

1 بہارِ شریعت ،جلد:3 ،صفحہ:505،حصہ:16۔

۾ پڇا ڪندا هئا، جيڪڏهن ڪو بيمار هوندو هيو تہ ان ڪان پڇڻ جي لاءِ ويندا هئا يا ڪو سفر تي هوندو هيو تہ ان جي لاءِ دعا فرمائيندا هئا. 1

هر دَم ہے تمھیں اپنے غلاموں پہ عنایت | دِن رات کا یہ کار ہے سرکار تمہارا(2)

## مخلوق جي تعداد جي برابر نيڪيون!

پيارا اسلامي ڀائرو! بيمار جي عيادت ڪرڻ جئين اسان جي پياري ۽ آخري نبي، رسول هاشمي صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پياري پياري سُنت آهي، ايئن ئي اڳين نبين سڳورن جي سُنت بہ آهي، اَلحَمدُلله! الله پاڪ جا سيئي نبي همدرد ۽ غمخوار ۽ ڏڪايل اُمت جو ڏک ونڊڻ وارا هئا. روايتن ۾ اچي ٿو: هڪ ڀيرو الله پاڪ پنهنجي پياري نبي حضرت موسيٰ ڪليم الله عَلَيْهِ السَّلَام جي طرف وحي فرمائي: اي موسيٰ! ڇا تون چاهين ٿو تہ قيامت جي ڏينهن تنهنجون نيڪيون سڀني مخلوق جي نيڪين جي برابر ٿين؟ حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام عرض ڪيو: جي ها اي الله پاڪ....!! بلڪل مان اهو چاهيان ٿو. الله پاڪ فرمايو: اي موسيٰ! جيڪڏهن تون اهو چاهين ٿو تہ پوءِ مريضن جي عيادت ڪندو ڪر! ۽ غريبن جي لاءِ ڪپڙن جو اهتمام ڪندو ڪر...!! روايت جا الفاظ آهن تہ ان ڪان پوءِ حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام اهي ٻئي ڪم پاڻ تي لازم ڪري ڇڏيا.3

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! ٿورو اندازو لڳايو! هي ڪيترو عظيم الشان ڪم آهي، اسان جو ڪو مسلمان ڀاءُ بيمار ٿي وڃي تہ اسان ڪي صرف ان وٽ وڃي عيادت ڪرڻي آهي، ان ڪان حال احوال پڇڻو آهي، ثواب ڪيترو وڏو آهي.

---

1 جمع الوسائل في شرح الشمائل،باب ما جاء في تواضع رسول الله ،جلد:2 ،صفحہ:

2 ...قبالۂ بخشش ،صفحہ:47۔

3 الروض الفائق في المواعظ و الرقائق، صفحہ:92۔

الله اڪبر.

وہ تو نہایت سستا سودا بیچ رہے ہیں جنّت کا | ہم مفلس کیا مول چُکائیں، اپنا ہاتھ ہی خالی ہے (1)

**وضاحت:** پنهنجي جهانن جا مالڪ ۽ مختار، حبيبِ پروردگار صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تہ جنت کي نهايت گهٽ قيمت ۾ وڪڻي رهيا آهن، پر اسان غريب ان جو مُلھ ڪيئن چڪايون؟ پنهنجي دامن ۾ تہ ڪجھ بہ ناهي.

هي ڪيترو آسان طريقو آهي نيڪيون ڪمائڻ جو..!! پر افسوس! اسان سُستي ڪندا آهيون. الله پاڪ اسان کي پنهنجي مسلمانن ڀائرن جي ڏک ۾ شريڪ ٿيڻ جي توفيق عطا فرمائي.

## ڪنهن مسلمان کي حقير نہ سمجهو.

اسان وٽ هڪ سوچ ڏني وئي آهي، ماڻهو ثواب جي معاملي ۾ بہ حيثيت جو لحاظ ڪندا آهن، مثلاً عيادت ئي کي ڏسي وٺو! ڪو مسلمان ڀاءُ بيمار ٿي وڃي تہ اهو ڏٺو ويندو آهي تہ اسان جي اسٽيٽس جو ماڻهو آهي يا نہ، جيڪڏهن نوڪر بيمار ٿي وڃي تہ سيٺ صاحب ان جي عيادت ۾ شرم محسوس ڪندو آهي، ملازم بيمار ٿي وڃي تہ مالڪ حضرات ان جي عيادت جي لاءِ وڃڻ ۾ پنهنجي بي عزتي محسوس ڪندا آهن، اهڙي طرح امير غريب جو بہ فرق ڪيو ويندو آهي. **هي تمام غلط ڳالھ آهي.**

ہر ایک چیز سے پیدا خُدا کی قدرت ہے | کوئی بڑا کوئی چھوٹا یہ اس کی حکمت ہے

اسان اهو نٿا ڄاڻون تہ الله پاڪ وٽ ڪير عزت وارو آهي، ڪير ان جي بارگاھ ۾ مقبول آهي، ٿي سگهي ٿو ذات جو غريب ايمان جو نهايت امير هجي، ٿئي سگهي ٿو اسان جو ملازم ربّ ڪريم وٽ وڏي مقام جو مالڪ هجي، ان

[1] ...حدائقِ بخشش ،صفحہ:186۔

ڪري ڪو ننڍو هجي يا وڏو، ڪو امير هجي يا غريب، ڪو دوست هجي يا اَجنبي، جيڪڏهن اهو بيمار آهي تہ اسان کي ان جي عيادت ڪري ثواب ڪمائڻ گهرجي. مسلم شريف جي حديث پاڪ آهي، الله پاڪ جي آخري نبي، محمد عربي صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: الله پاڪ قيامت جي ڏينهن ارشاد فرمائيندو: اي ابن آدم! مان بيمار هيس، تو منهنجي عيادت ڇو نہ ڪئي؟ ٻانهو عرض ڪندو: اي منهنجا ربّ ڪريم! تُون تہ ربُّ العالمين آهين (تون هر عيب کان پاڪ آهين، بيمار ٿيڻ تنهنجي شان جي لائق ناهي، اي ڪريم ربَّ! جڏهن تون بيمار ٿيڻ کان ئي پاڪ آهين تہ) مان تنهنجي عيادت ڪيئن ڪري سگهان؟ الله پاڪ فرمائيندو: ڇا توکي معلوم نہ هيو تہ منهنجو فلاڻو ٻانهو بيمار ٿيو هو ۽ تو ان جي عيادت نہ ڪئي، جيڪڏهن تون ان جي عيادت ڪرين ها تہ ضرور منهنجي رضا کي اُتي حاصل ڪرين ها.[1]

الله اڪبر! الله اڪبر! اندازو لڳايو! هڪ مسلمان جي ڇا تہ بلند شان آهي..!! ٻانهو بيمار ٿيو، الله پاڪ فرمائي ٿو: اي ابن آدم! تو منهنجي عيادت ڇو نہ ڪئي...!! واهہ سُبْحٰنَ الله! هن مان خبر پئي، ڪو امير هجي يا غريب، سيٺ هجي يا نوڪر، جيڪو ٻانهو مسلمان آهي، الله پاڪ وٽ ان جو وڏو مقام آهي، لهٰذا اسان کي گهرجي تہ اسان ان جي عيادت جي لاءِ وڃون ۽ ثواب ڪمايون.

## عيادت جي فضيلت متعلق حديثون

پيارا اسلامي ڀائرو! امير اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جو نيڪ ٻڌائڻ وارو رسالو نيڪ اعمال مان هڪ نيڪ عمل اهو بہ آهي. تہ هفتي ۾ گهٽ مان گهٽ هڪ ڀيرو گهر يا اسپتال ۾ وڃي ڪري ڪنهن مريض جي عيادت ڪئي. پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي عيادت جي لاءِ وڃڻ نهايت ئي فضيلت وارو ڪم آهي. هيءُ نهايت

1 مسلم،کتاب البر و الصلة و الآداب ،باب فضل عيادة المريض،صفحہ:997 ،حديث:2569۔

آسان نيڪي آهي پر هن جو ثواب تمام گهڻو آهي.

## جنتي انسان جون 4 عادتون

حضرت ابوهريره رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ کان روايت آهي، هڪ ڏينهن نور جي پيڪر، تمام نبين جي سرور صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ صحابہ ڪرام عَلَیْھِم الرِّضْوَان کان پڇيو: اڄ توهان مان ڪنهن روزو رکيو؟ تہ حضرتِ صِدِّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ عَرض ڪيو: مون. پوءِ معلوم ڪيائون: اڄ توهان مان جنازي سان گڏ ڪير ويو؟ تہ حضرتِ صِدِّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ عَرض ڪيو: مان. پڇيائون: اڄ توهان مان ڪنهن مسڪين کي کاڌو کارايو؟ حضرتِ صِدِّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ عَرض ڪيو: مون. اِرشاد فرمايائون: اڄ توهان مان ڪنهن مريض جي عيادت ڪئي؟ حضرتِ صِدِّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ عَرض ڪيو: مون! (سرڪار عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ 4 سوال ڪيا، اهي چارئي ڪم حضرتِ صِدِّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ ڪيا هئا،) اُن تي اللّٰہ پاڪ جي آخري نبي، محمد عربي صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن اِرشاد فرمايو: جنهن انسان ۾ بہ اهي (4 عادتون) گڏ ٿي وڃن اهو جنت ۾ داخِل ٿيندو.

(مسلم،ڪتاب الزکاۃ،باب من جمع الصدقۃ و اعمال البر،صفحہ:369،حديث:1028۔)

## ملائڪ مغفرت جي دعا ڪندا آهن

مسلمانن جي چوٿين خليفي حضرت علي المرتضي رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ کان روايت آهي، ٻنهي جهانن جي مالڪ و مختار، مڪي مدني سرڪار صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: جڏهن مسلمان پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي عيادت ڪندو آهي تہ اهو مريض وٽ ويهڻ تائين جنت جي باغ ۾ گهمندو آهي، جڏهن اهو ويهندو آهي تہ رحمت ان کي ڍڪي ونندي آهي، جڏهن ڪو صبح جي وقت مريض جي عيادت ڪندو آهي تہ شام ٿيڻ تائين 70 هزار ملائڪ ان جي لاءِ مغفرت جي دعا ڪندا رهندا آهن، جيڪو شام جي وقت عيادت ڪندو آهي تہ صبح ٿيڻ تائين 70 هزار ملائڪ ان

جي لاءِ مغفرت جي دعا ڪندا آهن.
(مسلم،ڪتاب الزكاة،باب من جمع الصدقة و اعمال البر،صفحہ:369،حديث:1028۔)

## 75هزار ملائڪن جي ڇانوَ ۾ رهندو

صحابي رسول حضرت عبدالله بن عمر رَضِیَ اللهُ عَنۡهُمَا کان روايت آهي، شهنشاهِ مدينه، قرارِ قلب و سينه صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جنهن مريض جي عيادت ڪئي. الله پاڪ اُن تي 75 هزار ملائڪن جي ذريعي سايو فرمائيندو، (گهر کان نڪرڻ کان وٺي ڪري گهر واپس موٽڻ تائين) ان جي هر وک کڻڻ تي ان جي لاءِ هڪ نيڪي لکي ويندي، هر قدم رکڻ تي ان جو هڪ گناهه مٽايو ويندو ۽ هڪ درجو بلند ڪيو ويندو ايستائين جو هُو پنهنجي جڳهه تي ويهي رهي، جڏهن اهو مريض سان ويهندو ته رحمت ان کي ڍڪي ڇڏيندي ۽ پنهنجي گهر واپس اچڻ تائين ڪيس رحمت ڍڪي رکندي. (معجمِ اوسط،جلد:3،صفحہ:222 ،حديث:4396۔)

سُبۡحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! هن حديث شريف ۾ مريض جي عيادت جي فضيلت بيان ٿي، هن سان گڏوگڏ سکڻ جي هڪ اهم ڳالهه به آهي، اسان وٽ ماڻهو عام طور گهر پري هجڻ جي سبب به عيادت جي ثواب کان محروم ٿي ويندا آهن، خبر ته ملي وئي ته فلاڻو صاحب بيمار آهي، پڇڻ جي لاءِ وڃڻ تي دل به ڪري ٿي پر نفس سُستي ڏياريندو آهي ته ڪير ايترو پري ويندو، پوءِ وري ايندو، ايترو وقت ڪنهن وٽ هوندو؟ الله پاڪ اسان جي حال تي رحم فرمائي، تورو غور ڪيو! جيڪو مريض جي عيادت جي لاءِ ويندو آهي ان جي هر قدم تي هڪ نيڪي ملندي آهي، هڪ گناهه معاف ٿيندو آهي ۽ هڪ درجو بلندو ڪيو ويندو آهي، هاڻي هتان کان غور ڪيو! جيڪڏهن مريض جو گهر پري آهي ته اُخروي لحاظ کان ته هي تمام فائديمند موقعو آهي، جيترو پري ويندا، اوتريون وڌيڪ نيڪيون ملنديون، اوترا وڌيڪ گناهه معاف ٿيندا ۽ اوترائي وڌيڪ درجا بلند ٿيندا، تنهنڪري مريض جو گهر پري هجي يا ويجهو اسان کي سُستي کان

بچندي عيادت جو ثواب ڪمائڻ گهرجي.

## رحمت ڍڪي وٺندي آهي

صحابي رسول حضرت انس بن مالڪ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي، نور جي پيڪر، تمام نبين جي سرور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: جيڪو شخص ڪنهن مريض جي عيادت ڪندو آهي اهو ڇڻ درياءِ رحمت ۾ ٽٻي لڳائي ٿو. جڏهن اهو مريض وٽ ويهندو آهي ته ان کي رحمت ڍڪي وٺندي آهي.[1]

هڪ روايت ۾ آهي: جنهن مريض جي عيادت ڪئي، اهو رحمت جي درياء ۾ داخل ٿي ويو، جڏهن اهو ان مريض وٽ ويهندو آهي ته رحمت جي درياء ۾ وهنجڻ لڳندو آهي. جڏهن انسان مريض وٽان اٿندو آهي ته جتان کان هو عيادت جي لاءِ هليو هو، اُتان واپس پهچڻ تائين رحمت جي درياء ۾ ٻڏل هوندو آهي.(2)

سُبْحٰنَ الله!

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ اسان کي به توفيق عطا فرمائي، ڪاش! اسان به مريضن جي عيادت ڪندا ڪيون، ان جي برڪت سان اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! آخرت جو ثواب به ملندو، دنيا ۾ خوشحالي به ايندي، پاڻ ۾ پيار محبت ۽ اتحاد ۽ اتفاق به وڌندو، جڏهن هر شخص ٻين جي غم ۾ شريڪ ٿيڻ وارو بڻجي ويندو ته اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ان جي برڪت سان معاشرو سڌرندو، امن ۽ سڪون جي فضا قائم ٿيندي ۽ اسان جو معاشرو ترقي جي طرف نه صرف هلڻ بلڪ اڏامڻ شروع ٿي ويندو. الله پاڪ اسان سيني کي هڪٻئي جا غم ونڊڻ، مشڪل ۾

1 مسندِ امام احمد،جلد:5،صفحه:494 ،حديث: 13119
2 معجمِ اوسط ،جلد:4 ،صفحه:85،حديث:5296۔

هڪٻئي جو ساٿ ڏيڻ جي توفيق عطا فرمائي. آمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيِّن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم۔

## رزق ۾ برڪت ۽ خوشحال زندگي جو نسخو

پيارا اسلامي ڀائرو! هن وقت سڄي دنيا ۾ معاشي حالات ڪمزور کان ڪمزور تر ٿيندا پيا وڃن، ڪيئي ماڻهو رزق جي تنگي جو سامنو ڪري رهيا آهن، تمام گهٽ ماڻهو اهڙا آهن جن کي زندگي جو سڪون ميسر آهي، اچو! مان اوهان کي خوشحال زندگي ۽ رزق ۾ برڪت جو هڪ نسخو ٻڌايان ٿو. صحابي رسول حضرت ابوهريره رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي، اللّٰه پاڪ جي آخري نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ عَادَ مَرِيْضًا اَوْ زَارَ اَخًا لَهُ فِي اللهِ نَادَاهُ مُنَادٍ بِاَنْ طِبْتَ وطَابَ مَمْشَاكَ وَتَبَوَّأْتَ مِنَ الْجَنَّةِ مَنْزِلًا جيڪو ڪنهن مريض جي عيادت ڪري يا اللّٰه پاڪ جي رضا جي خاطر پنهنجي (ديني) ڀاءُ جي زيارت ڪرڻ جي لاءِ وڃي تہ هڪ اعلان ڪرڻ وارو اعلان ڪندي چوندو آهي: تون پاڪ ٿئين، تنهنجو هلڻ پاڪ آهي ۽ هن هلڻ جي برڪت سان تو جنت ۾ گهر حاصل ڪري ورتو.[1]

هن حديث شريف جي حوالي سان عالم سڳورا فرمائن ٿا: مطلب اهو آهي تہ اي خوش قسمت! اي مريض جي عيادت جي لاءِ وڃڻ وارا! هي تنهنجو هلڻ تنهنجي خوشگوار زندگي جو سبب بڻجي وڃي، ان جي برڪت سان توهان کي قناعت جي دولت نصيب ٿي، رضاءِ الٰهي جي سعادت ملي، توهان جي رزق ۾ برڪت ٿي ۽ ان هلڻ جي برڪت سان توهان کي چڱا اخلاق، علم ۽ عمل جي توفيق نصيب ٿي.[2]

سُبْحٰنَ الله! ڪهڙي شان آهي.....!! مريض جي عيادت ڪيو: ❁ اللّٰه پاڪ جي رضا

1 ترمذی،کتاب البر و الصلۃ،باب ما جاء فی زیارۃ الاخوان ،صفحہ:486،حدیث:2008۔

2 مرقاۃ المفاتیح،کتاب الآداب،باب الحب فی اللہ و من اللہ ،جلد:9 ،صفحہ:221،تحت الحدیث:5015

ملندي ❁ جنت ۾ گھر نصيب ٿيندو. ❁ ملائڪن جون دعائون نصيب ٿينديون. ❁ رحمت الٰهي مان ڪثير حصو ملندو. ❁ ملائڪن جو ساٿ نصيب ٿيندو ❁ ان جي برڪت سان زندگي خوشحال ٿيندي ❁ رزق ۾ برڪت ٿيندي ❁ قناعت جي دولت هٿ ايندي ❁ الله پاڪ جي رضا نصيب ٿيندي ۽ ❁ ان جي برڪت سان چڱا اخلاق، علم دين ۾ مضبوطي ۽ نيڪ ڪمن ۾ استقامت نصيب ٿي ويندي. الله! الله! هاٿي ٻڌايو! ڀي ڪهڙي نعمت آهي جيڪا اسان کي گھرجي، مريض جي عيادت ڪيو. اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ڪوڙ سارا انعام ملندا. الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## اهل خانه جي به عيادت ڪيو!

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ جي آخري نبي، محمد عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ صحابه ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان سان گڏوگڏ، پنهنجي اهلِ بيت(يعني گھر وارن) مان ڪو بيمار ٿيندو هيو ته انهن جي به عيادت ڪندا هئا. هڪ ڀيري مسلمانن جي پياري امڙ سائڻ حضرت بيبي عائشه صديقه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا کي بخار ٿي پيو ته پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تشريف کٽي آيا (پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا فرمائن ٿيون: مون پاڻ سڳورن کان بخار جو ذڪر ڪيو ۽ ان کي ناپسند ڄاڻيو)، ته پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: بيشڪ بخار حڪم جو پابند آهي، تون ان کي برو نه چئه پر جيڪڏهن تون چاهين ته مان توکي اهڙا الفاظ سيکاريان ته جڏهن تون اهي پڙهندينءَ ته الله پاڪ تنهنجو بخار دور ڪري ڇڏيندو. پوءِ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سيده عائشه صديقه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا کي دُعا سيکاري، اها دعا هيءَ آهي:

اَللّٰهُمَّ ارْحَمْ عَظْمِي الدَّقِيقَ وَجِلْدِيَ الرَّقِيقَ، وَاَعُوذُ بِكَ مِنْ فَوْرَةِ الْحَرِيقِ، يَا أُمَّ مِلْدَمٍ، اِنْ كُنْتِ آمَنْتِ بِاللهِ وَالْيَوْمِ الْآخِرِ فَلَا تَأْكُلِي اللَّحْمَ وَلَا تَشْرَبِي الدَّمَ، وَلَا تَفُورِي عَلَى الْفَمِ، وَلَا تَصَدَّعِي الرَّأْسَ وَانْتَقِلِي اِلٰى مَنْ زَعَمَ اَنَّ مَعَ اللهِ اِلٰهًا

آخَرَ فَاِنِّی اَشۡھَدُ اَنۡ لَا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاَنَّ مُحَمَّدًا عَبۡدُهٗ وَرَسُوۡلُهٗ پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنۡہا فرمائن ٿيون: مون جيئن ئي اها دعا پڙهي، منهنجو بخار ختم ٿي ويو.[1]

| | |
|---|---|
| کیامبارک نام ہے، کیساپیاراہے لقب | عائشہ محبوبۂ محبوبِ رَبُّ العالمیں |
| آیۂ تطہیر میں ہے ان کی پاکی کا بیاں | ہیں یہ بی بی طاہرہ، شوہَر امام الطّاہِرِیں (2) |

| | | | |
|---|---|---|---|
| زوجۂ مصطفیٰ | سیدہ عائشہ | عابدہ زاہدہ | سیدہ عائشہ |
| ساجدہ، صائِمہ | سیدہ عائشہ | طیبہ طاہِرہ | سیدہ عائشہ |
| خُلد میں داخِلہ | سیدہ عائشہ | دو خُدا سے دِلا | سیدہ عائشہ |

پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان! پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم حضرت بيبي عائشہ صديقہ رَضِیَ اللّٰہ عَنۡھا جي عيادت بہ فرمائي ۽ انهن کي بخار کان نجات جي دعا بہ سيکاري، اهڙي طرح پاڻ سڳورا صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم اهلِ بيت پاڪ جي بين فردن جي بہ عيادت فرمائيندا هئا. تنهنڪري اسان کي بہ گهرجي تہ ٻاهر وارن سان گڏوگڏ گهر وارن جو بہ خيال رکون، ڪٿي ايئن نہ ٿي جو سيني دوستن جي تہ عيادت ٿي رهي هجي ۽ پنهنجي گهر ۾ موجود بيمار والده يا ڪمزور پيءُ يا ٻارن جي ماءُ وغيره بيماريءَ کان بيحال پيا هجن ۽ انهن سان همدردي ڪرڻ جو وقت ئي نہ ڪڍيو وڃي.

## عيادت جا آداب

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي مريضن جي عيادت ڪرڻي آهي، لازمي ڪرڻي آهي، ان سان گڏوگڏ عيادت جا آداب بہ سامهون رکڻا آهن. اچو! مريض

---

1 ڪنز العمال،کتاب الطب و الرق و الطاعون الحمیٰ،جز:10،جلد:5،صفحہ:41 ،حديث:28508ملتقطاً

[2] ...دیوانِ سالِک،صفحہ:84- 85ملتقطاً۔

جي عيادت جا ڪجهه آداب ٻه سڪي ونون ٿا:

## (١) رضاءِ الٰهي جي نيت ڪيو!

❁ سيني کان پهريون ۽ بنيادي اَدب تہ اِهو آهي تہ مريض جي عيادت صرف ۽ صرف الله پاڪ جي رضا جي لاءِ ڪئي وڃي، ان نيڪ ڪم ۾ ڪوبہ ٻي نيت نہ رکي.

اهڙيون ڪيئي عجيب بيماريون اسان جي معاشري ۾ پکڙجي رهيون آهن جو اسان ڪيترائي ڪم صرف پنهنجي عزت بچائڻ جي لاءِ ڪندا آهيون ۽ اها شيءِ اسان جي اندر فرق پيدا ڪري ٿي، جڏهن اها سوچ بڻجي وڃي تہ مون کي هر ڪم عزت بچائڻ جي لاءِ ڪرڻو آهي تہ پوءِ ان جو لحاظ بہ رکيو ويندو آهي، جتي عزت بيعزتي جو مسئلو بڻجندو هجي، اهو ڪم اسان ڪري وٺندا آهيون، جتي مسئلو نہ بڻجي اهو ڪم ناهيون ڪندا. اهڙي طرح اَدلي بدلي جي سوچ بہ تمام گهڻي ڏني ويندي آهي، مثلاً مان بيمار ٿيو هيس تہ فلاڻو منهنجي عيادت جي لاءِ آيو هيو، تنهنڪري ان جي عيادت جي لاءِ مون کي بہ وڃڻو آهي، جيڪڏهن اهو منهنجي عيادت ڪرڻ نہ آيو هيو تہ مون کي بہ ناهي وڃڻو، هي تمام غلط انداز ۽ رَويو آهي، اسان جو اهو ئي رويو، اها سوچ اسان جي سماج کي تباهہ و برباد ڪري رهي آهي. ياد رکو! هڪ مسلمان جي زندگي جو اصل بنياد، اسان جي زندگي جو اصل مقصد الله پاڪ جي رضا آهي، الله پاڪ فرمائي ٿو:

وَاللّٰهُ وَرَسُوْلُهٗۤ اَحَقُّ اَنْ یُّرْضُوْهُ اِنْ كَانُوْا مُؤْمِنِیْنَ (۶۲)

ترجموڪنزالعرفان: حالانڪ الله ۽ ان جو رسول هن ڳالهہ جا وڌيڪ حقدار آهن تہ ماڻهو انهن کي راضي ڪن جيڪڏهن ايمان وارا آهن. (پاره:10، التوبة:62)

هي آهي اصل بنياد...!! الله ۽ رسول جو حق وڏيڪ آهي تہ اسان انهن کي راضي ڪيون، اسان جي عزت رهي ٿي يا نٿي رهي، الله ۽ رسول جي رضا لازمي ملڻ گهرجي، انهي ڪري جڏهن بہ ڪنهن مسلمان ڀاءُ جي عيادت جي لاءِ وڃون تہ صرف ۽ صرف الله پاڪ جي رضا جي نيت سان وڃون، اها نيت ڪنداسين تہ اِنْ شَآءَ اللهُ الْڪَرِيْم! ثواب بہ ملندو ۽ ان جي برڪت سان ٻيا دنياوي فائدا بہ حاصل ٿي ويندا.

## (2) وضو ڪري وڃو!

جڏهن بہ عيادت جي لاءِ وڃو تہ وضو سَاري ويندا ڪيو، اِنْ شَآءَ اللهُ الْڪَرِيْم! باوضو رهڻ جو ثواب تہ ملندو ئي ملندو، ان سان گڏوگڏ ڪوڙ ساريون برڪتون بہ حاصل ٿينديون، صحابي رسول، حضرت انس بن مالڪ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي، تمام نبين جي سرور، ٻنهي جهانن جي تاجور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جنهن چڱي طرح وضو ڪيو ۽ ثواب جي اُميد رکي پنهنجي ڪنهن مسلمان ڀاءُ جي عيادت ڪئي، ان کي جهنم کان 70 سال جي مفاصلي تائين دور ڪيو ويندو.[1]

## (3) مريض کان دعا ڪرايو

پيارا اسلامي ڀائرو! جڏهن بہ عيادت جي لاءِ وڃو تہ مريض کان پنهنجي لاءِ دعا ڪرايو، حديث شريف ۾ آهي: مريضن جي عيادت ڪندا ڪيو ۽ انهن کي پنهنجي لاءِ دعا ڪرڻ جو چئو! ڇوتہ مريض جي دعا قبول آهي ۽ ان جا گناهہ معاف آهن.[2]

هڪ حديث پاڪ ۾ فرمايو: جڏهن توهان ڪنهن مريض وٽ اچو تہ ان سان

---

1 ابو داؤد،كتاب الجنائز،باب فی فضل العيادة على الوضوء،صفحہ:500 ،حديث:3097۔
2 معجمِ اوسط،جلد:4 ،صفحہ:294 ،حديث:6027۔

پنهنجي لاءِ دعا جي درخواست ڪيو ڇوته ان جي دعا ملائڪن جي دعا وانگر هوندي آهي.[1]

سُبْحٰنَ الله! هن حديث پاڪ تي غور ڪيو! ته جيڪڏهن اسان مريض جي عيادت جي لاءِ ويندا سين، ان سان مريض جي دل جوئي ٿيندي، اهو ته پنهنجي جڳهه تي، ان سان گڏوگڏ اسان جو به ڪيترو فائدو ٿيندو، اسان مريض کان دعا ڪرايون، ان جي برڪت سان اِنْ شَآءَاللهُ الْكَرِيْم! اسان جون به مرادون پوريون ٿينديون .

هي هڪ وڏو زبردست نسخو آهي، بعض اوقات ايئن ٿي ويندو آهي، اسان تي مشڪل وقت اچي ويندو آهي، جيئن چوندا آهن: سون کي هٿ لڳايان ته مٽي ٿي ويندو آهي. اهڙا حالات بڻجي ويندا آهن، سمجهه ۾ ئي ناهي ايندو ته ڪرڻو ڇا آهي، مون سان ڇا ٿي رهيو آهي، هر پاسي مشڪلات، پريشانيون انسان کي گهيري وٺنديون آهن، خدانخواسته جيڪڏهن اهڙو وقت اچي وڃي ته اهڙي موقعي تي هي ڪم پاڻ تي لازم ڪري وٺو، مريضن جي عيادت جي لاءِ وڃو، هڪ ته عيادت جو ثواب ملندو، ان سان گڏوگڏ مريض کان پنهنجي لاءِ دعا ڪرايو، اِنْ شَآءَاللهُ الْكَرِيْم! مشڪلات به حل ٿي وينديون.

## مريض کي دعا ڏيو!

عيادت جي وقت مريض کان پنهنجي لاءِ دعا ڪرائڻي آهي، ان سان گڏوگڏ مريض جي لاءِ به دعا ڪرڻ گهرجي. حضرت عبد الله بن عباس رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا کان روايت آهي، رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪو به مسلمان پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي عيادت جي لاءِ وڃي ته هي ڪلما 7 ڀيرا پڙهي، جيڪڏهن ان جي موت جو وقت نه آيو هجي ته الله پاڪ هنن ڪلمات جي

1 ابنِ ماجہ،کتاب الجنائز،باب ما جاء فی عیادۃ المریض،صفحہ:234 ،حدیث:1441۔

برڪت سان ان ڪي شفاء عطا فرمائيندو. اهي ڪلما هي آهن:

اَسْاَلُ اللهَ الْعَظِيْمَ رَبَّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ اَنْ يَّشْفِيَكَ

يعني مان عرشِ عظيم جي ربّ عظيم کان سوال ڪيان ٿو ته توکي شفاء عطا فرمائي.

جو ہیں بیمار صحت کے طالِب | ان پہ فرما کرم رَبِّ غالِب
تجھ سے رحم وکرم کی دُعا ہے | یاخُدا! تجھ سے میری دُعا ہے (1)

## عيادت ڪرڻ جو طريقو

عيادت ڪرڻ جو طريقو اهو آهي ته مريض جي پيشاني يا جنهن هنڌ سور آهي، اُتي هٿ رکي ڪري حال پڇو ۽ هي دعا به پڙهو: لَابَأْسَ طَهُوْرٌ اِنْ شَآءَ الله. يعني ڪنهن پريشانيءَ جي ڳالهه نه آهي اِنْ شَآءَاللهُ اهو مرض گناهن کان پاڪ ڪرڻ وارو آهي.[2]

اهڙي طرح جيڪڏهن مريض تي ڏکيو نه گذري ته موقعي جي مناسبت سان ان جي پيشاني تي هٿ رکي سندس حال احوال پڇو جو حديث پاڪ ۾ آهي: پوري عيادت اها آهي ته ان جي پيشاني تي هٿ رکي مزاج پڇي.[3]

## مريض ڪي تڪليف نه ڏيو!

پيارا اسلامي ڀائرو! بيمار جي عيادت ڪرڻ ثواب جو ڪم آهي بعض اوقات عيادت ڪرڻ وارا مريض جي لاءِ راحت بڻجڻ بجائي زحمت جو سبب

---

1 ...وسائلِ بخشش،صفحہ:136- 137۔
2 بخاری،کتاب المناقب،باب علامات النبوة فی الاسلام،صفحہ:919،حدیث:3616۔
3 ترمذی،کتاب الاستئذان و الآداب،باب ما جاء فی المصافحۃ،صفحہ:641 ،حدیث:2731۔

ٻڌجي ويندا آهن. بلا ضرورت مرض جي تفصيل پڇڻ، طبّي معاملن کان واقف نہ هوندي بہ ان کي قسم قسم جا مشورا ڏيڻ ۽ بيا فضول سوال ڪرڻ مريض جي لاءِ پريشاني جو سبب بڻجي ويندا آهن. بهرحال عيادت ڪرڻ ۾ مريض جي ڪيفيت جو خيال رکڻ ضروري آهي ۽ جيڪڏهن اهو محسوس ٿئي تہ اسان جي موجودگي مريض جي لاءِ تڪليف جو سبب بڻجي رهي آهي تہ جلد اُتان کان روانو ٿي وڃڻ گهرجي.

## چڱي وقت جو انتخاب ڪيو

پيارا اسلامي ڀائرو! عيادت جي لاءِ بهترين وقت جو انتخاب ڪرڻ بہ ضروري آهي، ظاهر آهي جنهن جي عيادت جي لاءِ وڃي رهيا آهيو، اهو ويچارو بيمار آهي ۽ بيماري جي حالت ۾ سؤ قسم جا معاملا هوندا آهن، اهڙي صورت ۾ جيڪڏهن اسان مريض وٽ وڃون ۽ اتڻ جو ٽالو ئي نہ ونون تہ ٿي سگهي ٿو ويچارو تڪليف ۾ اچي وڃي، ايئن ئي بي وقت وڃڻ بہ مريض کي تڪليف ۾ مبتلا ڪري سگهي ٿو. حضرت شعبي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: بي وقوف ماڻهن جو مريض جي عيادت ڪرڻ سندس گهر وارن تي سندن بيماري کان بہ وڌيڪ ڳرو هوندو آهي، جوتہ بي وقت ايندا آهن ۽ اچي ويهي رهندا آهن.[1]

## عيادت جا چند وڌيڪ آداب

پيارا اسلامي ڀائرو! اهڙي طرح مريض جي عيادت جا ڪجهہ ٻيا آداب بہ آهن، مثلاً ❁ ڪنهن جي عِيادت جي لاءِ وڃو ۽ مَرَض جي سختي ڏسو تہ ان کان ڏيڃارڻ واريون ڳالهيون نہ ڪريو مثلاً تنهنجي حالت خراب آهي ۽ نہ ئي ان انداز سان مٿو هِلايو جنهن سان حالت جو خراب هجڻ سمجهيو ويندو هجي.

1 حلية الاولياء، جلد:4، صفحہ:348، رقم:5817۔

۞ عيادت جي موقعي تي مريض يا ڏکايل شخص جي سامهون پنهنجي چهري تي رنج ۽ غم جي ڪيفيت ظاهر ڪيو. ۞ ڳالهه ٻولهه جو انداز هرگز اهڙو نه هجي جو مريض يا سندس عزيزن کي وسوسا اچن ته هي اسان جي پريشاني تي خوش ٿي رهيو آهي! ۞ مريض وٽ وڃي ڪري طبعيت پڇو ۽ هن جي لاءِ صحّت ۽ عافيت جي دُعا ڪريو. ۞ عِيادت ڪندي موقعي جي مناسبت سان مريض کي نيڪي جي دعوت به پيش ڪجي، خُصوصاً نماز جي پابندي جو ذهن ڏجي ڇو ته بيماري ۾ ڪيترائي نمازي به نمازن کان غافل ٿي ويندا آهن. ۞ مريض جي پرسان گهڻي دير تائين نه ويهو ۽ نه گوڙ ڪيو ها جيڪڏهن بيمار پاڻ ئي دير تائين ويهارڻ جو خواهش مند آهي ته ممڪن هجي ته اوهان هن جي جذبن جو احترام ڪريو. ڪجھ ماڻهن جي عادت هوندي آهي ته مريض يا ان جي نمائندي سان ملندا آهن ته ڪجھ نه ڪجھ علاج ٻڌائيندا آهن ۽ ڪجھ ته مريض سان اصرار ڪندا آهن ته مان جيڪو علاج ٻڌائي رهيو آهيان اهو ڪري وٺو، فلاڻي دوا وٺو، صحيح ٿي ويندؤ! مريض کي گھرجي ته هرڪنهن جو ٻڌايل علاج نه ڪري، ڇوته **غيرحڪيم جان لاءِ خطرو آهي**، ڪنهن جو ٻڌايل علاج ڪرڻ کان پهريان پنهنجي طبيب کان مشورو ڪري وٺو. خبردار! جيڪي طبيب نه هجڻ باوجود علاج ٻڌائيندا رهندا آهن اهي هن کان رڪجي وڃن.

الله پاڪ اسان کي پاڻ ۾ اتفاق و اتحاد سان رهڻ، هڪٻئي جو غم ونڊڻ ۽ مريضن جي عيادت ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

یہ مریض مَر رہا ہے تِرے ہاتھ میں شِفا ہے
اے طبیب! جلد آنا مدنی مدینے والے

# 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: علاقائي دورو

پيارا اسلامي ڀائرو! پُرفتن دور آهي، فتنا مختلف انداز سان ڪَرُ کڻي رهيا آهن، اهڙي حالات ۾ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوت اسلامي جو ديني ماحول الله پاڪ جي وڏي نعمت آهي، پنهنجي دل ۾ عشق رسول وڌائڻ، صحابہ و اهل بيت ۽ اولياءِ ڪرام جي محبّت جا ڏيئا سيني ۾ ٻارڻ جي لاءِ هن ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو ۽ استقامت سان وابستہ رهو، 12 ديني ڪمن ۾ خوب وڌي ڪري حصو وٺو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! دين ۽ دنيا جون بيشمار ڀلايون نصيب ٿينديون. 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: علاقائي دورو بہ آهي. حديث پاڪ جو خلاصو آهي: جيڪي قدم راهِ خُدا ۾ خاڪ آلود ٿين، انهن کي جهنم جي باھ نہ ڇُهندي 1 ❁ نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۽ برائي کان منع ڪرڻ جي لاءِ گهر کان نڪرڻ بہ راهِ خُدا ۾ نڪرڻ آهي. ❁ اسان جا پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نيڪي جي دعوت ڏيڻ جي لاءِ بازارن ۾ تشريف کڻي ويندا هئا. مختلف قبيلن ۾ وڃي ڪري نيڪي جي دعوت ڏيندا هئا. ❁ دعوت اسلامي وارا عاشقانِ رسول بہ هن پياري ادا کي ادا ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. ❁ گهر گهر، دڪان دڪان، وڃي ڪري نيڪي جي دعوت پيش ڪئي ويندي آهي. ❁ ماڻهن کي مسجد ۾ اچڻ جي دعوت ڏني ويندي آهي. ❁ نمازن جي ترغيب ڏياري ويندي آهي. ❁ اسان ان کي علاقائي دورو چوندا آهيون. ❁اوهان بہ عاشقانِ رسول سان ملي ڪري علاقائي دورو ڪيو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ❁انبياء جي سُنت تي عمل جي سعادت ملندي. ❁ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جو ثواب ملندو. ❁ حديث پاڪ جي مطابق نيڪي جي راھ ڏيکارڻ وارو، نيڪي ڪرڻ واري جيان آهي.2 ❁ جيڪڏهن اسان جي نيڪي

---

1 مسند امام احمد،جلد:6، صفحہ:507، حديث:16356۔

2 ترمذی، ابواب العلم، باب ماجاء الدَّال...الخ، صفحہ:628، حديث:2670۔

جي دعوت سان هڪ شخص بہ نيڪ نمازي بڻجي ويو تہ يقين مڃو! ياگ ڳُلي ويندا. (جنهن ڏينهن ۽ جنهن مقام تي علاقائي دورو ٿيندو هجي، اهو ٻڌايو ۽ چئو!) هر اربع تي عصر جي نماز کان بعد فيضان مدينہ جي ويجهوئي پاڙي ۾ علاقائي دورو ٿيندو آهي اوهان بہ تشريف کڻي ايندا ڪيو! نماز عصر فيضان مدينہ ئي ۾ پڙهو! پوءِ ملي ڪري نيڪي جي دعوت عام ڪنداسين اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! تمام گهڻو ثواب ملندو. اچو! اوهان جي ترغيب جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌايان ٿو.

## غِير مسلمن جو قبولِ اسلام

ضلعو غازي پور (يوپي، هند) هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي عصر جي نماز کان بعد علاقائي دوري جي سلسلي ۾ هڪ حجم جي دڪان تي پهتاسين جتي ڪجهہ ماڊرن نوجوان ڪچهريءَ ۾ مصروف هئا، رهنما اڳتي وڌي ڪري تعارف ڪرايو تہ نيڪي جي دعوت ڏيڻ واري اسلامي ڀاءُ فوراً ڏکوئيندڙ انداز ۾ نيڪي جي دعوت ڏيڻ شروع ڪئي. نيڪي جي دعوت کان بعد انهن کي مسجد هلڻ جي دعوت ڏني انهن انڪار ڪيو پر عاشقانِ رسول جي محبت ڀري اصرار تي آخرڪار اهي نماز کان بعد ٿيڻ واري بيان ۾ شرڪت ڪرڻ تي راضي ٿي ويا. نماز کان بعد جيئن ئي بيان شروع ٿيو اهي سيئي اچي ويا، بيان جي آخر ۾ ايمان جي دولت جي اهميت کي اجاگر ڪندي ايمان جي حفاظت جي لاءِ فڪرمند رهڻ جو ذهن ڏنو. ان کان بعد هُو مسجد کان ٻاهر هليا ويا. اجا ٿورو ئي وقت گذريو هوندو جو اهي وري واپس آيا انهن جي چهرن جا تاثرات ڪنهن وڏي انقلاب کي ظاهر ڪري رهيا هئا، اهي چوڻ لڳا: اسان غير مسلم آهيون اسان کي ڪلمو پڙهائي مسلمان ڪري ڇڏيو! اسان

مسلمان ٿيڻ چاهيون ٿا. امير قافله فوراً ڪلمو شريف پڙهائي ڪري انهن سيني کي مسلمان ڪري ڇڏيو. پوءِ امير قافله اسلام آڻڻ جي خوشي ۾ سيني کي مبارڪباد ڏني. اهي چوڻ لڳا اسان بيان ۾ قبر جا حالات ٻڌا ته قبر چڱا ڪم ڪرڻ وارن سان ڪهڙو معاملو ڪندي آهي ۽ برا ڪم ڪرڻ وارن سان ڪهڙو پيانڪ سلوڪ ڪندي آهي اسلامي تعليمات جي مطابق اوهان جو سُنّت تي عمل ۽ دين ۽ ايمان جي حفاظت جي لاءِ ڪڙهڻ ڏسي ڪري دل ۽ دماغ گواهي ڏني ته اهلِ اسلام ئي حق ۽ سچ جا داعي ۽ راهِ نجات جا مسافر آهن.

(فيضان صديقِ اڪبر، صفحه:140-141 خلاصتہً)

مقبول جہاں بھر میں ہو دعوتِ اسلامی | صدقہ تجھے اے ربِّ غفّار! مدینے کا [1]

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ”القرآن الڪريم“ ايپلي ڪيشن

اي عاشقانِ رسول! اڄ جو دور ٽيڪنالوجي جو دور آهي، هڪ تمام وڏو تعداد آهي جيڪو اينڊرائڊ موبائل (Android Mobile) يا آئي فون استعمال ڪري ٿو. الحمدلله! دعوتِ اسلامي اسان کي موبائل جي ذريعي به نيڪيون ڪمائڻ جا موقعا فراهم ڪري ٿي. دَعوَتِ اسلامي جي آئي ٽي ڊيپارٽمنٽ طرفان هڪ موبائل ايپلي ڪيشن جاري ڪئي وئي آهي، جنهن جو نالو آهي: Al Quran Al kareem (القرآن الڪريم). اها ايپلي ڪيشن Android ۽ IOS ٻنهي طرح جي ڊيوائسز تان ڊاؤن لوڊ ڪري آساني سان استعمال ڪري سگهجي ٿي، هن موبائل ايپلي ڪيشن ۾ * مڪمل قرآنِ پاڪ پڙهڻ ۽ مختلف قارين جي

[1] ...وسائلِ بخشش،صفحه:180۔

آواز ۾ ٻڌڻ جي سهولت موجود آهي. * هن سان گڏوگڏ ڪنهن مخصوص سورت يا آيت کي (بڪ مارڪ) Bookmark بہ ڪري سگهجي ٿو يعني هر هر پڙهڻ واري سورت يا آيت کي Bookmark جي سبب آساني سان پڙهي سگهجي ٿو.

اڄ ئي اها ايپلي ڪيشن پنهنجي موبائل ۾ انسٽال ڪريو، پاڻ بہ قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪريو ۽ ٻين کي بہ قرآنِ پاڪ پڙهڻ، ٻڌڻ جي ترغيب ڏياريو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بَيان کي اِختِتام ڏانهن آڻيندي سُنّت جي فضيلت، ڪجهه سُنّتون ۽ آداب بَيان ڪرڻ جي سَعادَت حاصِل ڪيان ٿو. تاجدارِرسالت، شَهنشاھ نُبُوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِي فَقَدْ اَحَبَّنِي وَمَنْ اَحَبَّنِي كَانَ مَعِيَ فِي الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سُنّت سان مَحَبَّت ڪئي ان مون سان مَحَبَّت ڪئي ۽ جنهن مون سان مَحَبَّت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## ”جانورن تي رحم ڪرڻ“ سُنَّتِ مصطفيٰ آهي

بہ فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: (1) توهان هنن بي زبان جانورن جي باري ۾ الله پاڪ کان ڊڄو انهن تي ان وقت سوار ٿيو جڏهن اهي سٺي حالت ۾ هجن ۽ چڱي طرح انهن کي کارايو.[2] (2) هر ذي روح تي شفقت(ڪرڻ) جو اجر ملي ٿو.[3]

اي عاشقانِ رسول! جانورن تي رحم ڪرڻ سُنّت مصطفيٰ آهي
۞ رحمتِ عالم نور مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جانورن تي وڏي شفقت ڪندا

[1] مشكوٰة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة ،الفصل الثاني،55/1،حديث:175
[2] … ابوداؤد، کتاب:جہاد، صفحہ:408، حدیث:2548
[3] … بخاری، کتاب :مظالم وغصب صفحہ:635، حدیث:2466

هئا ❁ رسول اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جانورن جو فرياد ٻڌندا هئا ۽ انهن جي مدد ڪندا هئا ❁ هڪ پيري پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هڪ اُٺ جي فرياد تي ان جي مالڪ کي فرمايو: توهان هن کي بکايل رکو ٿا ۽ ڪم گهڻو وٺو ٿا .[1] ❁ جيڪڏهن ڪو جانورن کي تڪليف ڏيندو هو ته پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کان ناراض ٿيندا هئا ❁ رحمت عالم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جانورن کي پاڻ ۾ وڙهائڻ، انهن کي ٻڌي مارڻ ۽ ان جو مُثلو ڪرڻ (يعني چهرو بگاڙڻ) کان منع ڪندا هئا.[2]

ہرن نے، اونٹ نے، چڑیوں نے کی یہی فریاد | کہ ان کے غم کا مداوا حضور جانتے ہیں

الله پاڪ اسان کي به سُنّتِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي عمل ڪندي جانورن تي شفقت ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوا عَلَى الۡحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

مختلف سنّتون سکڻ جي لاءِ مڪتبةُ المدينہ جو ڪتاب بهارِ شريعت جلد:3 حصّو: 16، ۾ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَة جو 91 صفحات جو رسالو 550 سنّتون ۽ آداب خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنّتن سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنّتن ڀريو سَفر به آهي.

لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو سیکھنے سنّتیں قافلے میں چلو
ہوں گی حل مشکلیں قافلے میں چلو ختم ہوں شامتیں قافلے میں چلو

[1] ... ابوداؤد، کتاب:جہاد، صفحہ:408، حدیث:2549 خلاصۃً
[2] ... سیرت رسول عربی، صفحہ:332تا335ملتقطاً

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم .

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتنڀري

## اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (١) جمع جي رات جو دُرُود

اَللّٰھُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِیِّ الْاُمِّیِّ الْحَبِیْبِ الْعَالِی الْقَدْرِ الْعَظِیْمِ الْجَاهِ وَعَلٰی اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو ته جيڪو شخص هر جمعرات (جمع ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت به ايستائين هو ڏسندو ته سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰی اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ عَنْه کان روايت آهي ته تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو ته ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو ته بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهه معاف ڪيا ويندا. [2]

[1] افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2] افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

## (3) رَحمت جا ستّر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪِن بُزرگن ڪان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[3]

---

[1]... القول البديع، الباب الثانى، ص277

[2]... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[3]... القول البديع، الباب الاول، ص3125

## (6) دُرود شَفاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[1]

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰه عَنْهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[2]

## (2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.[3]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!                صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1]... الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31

[2]... مجمع الزوائد،ڪتاب الادعية،باب فی ڪيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

[3]... ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455